# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 2014

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2014

# سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (ترميم) آرڊيننس، 2014

# THE SINDH PUBLIC PRIVATE PARTNERSHIP (AMENDMENT) ORDINANCE, 2014

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of section 2 of Sindh Act No.V of 2010

3. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of section 4 of Sindh Act No.V of 2010

4. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of section 6 of Sindh Act No.V of 2010

5. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 18 جي ترميم

Amendment of section 18 of Sindh Act No.V of 2010

6. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 21 جي ترميم

Amendment of section 21 of Sindh Act No.V of 2010

7. 2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي شيڊول نمبر_I جي ترميم

Amendment of Schedule_I of Sindh Act No.V of 2010

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 2014

# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 2014

# سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (ترميم) آرڊيننس، 2014

# THE SINDH PUBLIC PRIVATE PARTNERSHIP (AMENDMENT) ORDINANCE, 2014

[4 ڊسمبر 2014]

آرڊيننس، جنهن جي ذريعي سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (PREAMBLE)

جيئن ته سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ، 2010 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريه پاڪستان1973 جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن ڪي استعمال ۾ آڻيندي سنڌ جي گورنر هيئيون

آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
SHORT TITLE AND COMMENCEMENT

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (ترميم) آرڊيننس، 2014 سڏيو ويندو.

(2) هيءُ فوري طور لاڳو ڪيو ويندو.

2010جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 2 جي ترميم
AMENDMENT OF SECTION 2 OF SINDH ACT NO.V OF 2010

2. سنڌ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ ايڪٽ، 2010 ۾ ، جنهن کي هن کانپوءِ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، هن جي دفعہ 2 ۾:

(i) شق (X) جي لاءِ هيٺ ڄاڻايل کي متبادل هوندو:
''پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جا معاهدا'' مان مراد ۽ جنهن ۾ شامل آهي سمورا انتظام ۽ تحريري معاهدا، جيڪي حڪومت ۽ نجي پارٽي جي وچ ۾ پبلڪ انفرا اسٽرڪچر ڪميونٽي فيسلٽيز ۽ لاڳاپيل خدمتون:

(ii) شق ، (Z) کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل نئين شق شامل ڪئي ويندي:
''(Z_I) "خدمتون" مان مراد آهي ڪجھ پروفيشنل سرگرميون، جيڪي عوامي ملڪيتن ۾ اداري يا سهولتون يا لاڳاپيل مقصدن جي لاءِ عوام کي فائدي پهچائڻ سان لاڳاپيل هجن:

(iii) شق (bb) ۾ لفظ "فنڊ" کانپوءِ يا ڪي ٻيون (ملڪيتون) شامل ڪيون وينديون:

2010جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 4 جي ترميم
AMENDMENT OF SECTION 4 OF

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظ "۽ جيڪو" جي ڪاما ۽ الفاظ "سول سوسائٽي آرگنائيزيشن، پبلڪ سيڪٽر يا ڪا ٻي تنظيمي ، سوسائٽي يا ڪمپني جيئن حڪومت بهتر سمجهي" سان تبديل ڪيو ويندو.

SINDH ACT NO.V OF 2010

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 6 جي ترميم
AMENDMENT OF SECTION 6 OF SINDH ACT NO.V OF 2010

4. چاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 6 ۾ ذيلي دفعہ (2) ۾ شق (1) ڪانپوءِ هيٺ ڇاڙايل کي شامل ڪيو ويندو.

”(1-A) اهڙا ماڻهو جيڪي نوڪرين سان لڳايا ويا هجن جيڪي هن ايڪٽ جي تحت سونپيل ڪم ۽ ذميواريون جي ڪارڪردگي جي لاءِ ضروري سمجهي، جيڪي ناٽي ڪاتي، حڪومت سنڌ پاران وقتن بوقتن هيومن ريسورس پاليسي ۽ گائيڊ لائين جي تحت هلايا ويندا.“

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 18 جي ترميم
AMENDMENT OF SECTION 18 OF SINDH ACT NO.V OF 2010

5. چاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 18 جي ذيلي دفعہ (4) کي ختم ڪيو ويندو.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي دفعہ 21 جي ترميم
AMENDMENT OF SECTION 21 OF SINDH ACT NO.V

6. چاڙايل ايڪٽ جي دفعہ 21 جي ذيلي دفعہ (1) ۾.

(a) شق (iv) ۾ لفظ ”۽“ کي ختم ڪيو ويندو.

(b) شق(iv) ۾ ڇاڙايل نئين شقن کي شامل ڪيو ويندو.

OF 2010

(v) اعزازي امداد قبول ڪرڻ، پرائيويٽ پارٽي اها ڀلي ناٽي مالياتي هجي يا غير مالياتي، جنهن ۾ شامل خيرات تي انسان دوست تحفن يا ملڪيتن تائين محدود نہ هجي.

2010 جي سنڌ ايڪٽ نمبر V جي شيڊول نمبر I-جي ترميم
AMENDMENT OF SCHEDULE_I OF SINDH ACT NO.V OF 2010

7. شيڊول -I ۾ داخل "ٽوئرازم ۽ ريزورٽ ڊيولپمينٽ" ڪانپوءِ هيٺ ڄاڻايل کي شامل ڪيو ويندو.
'' صحت جون خدمتون
'' تعليم جون خدمتون
'' سماجي ڀلائي
'' خاص تعليم
''عورتن جي عام ڀلائي
يا ڪو ٻيو سيڪٽر يا سروس جيئن بورڊ پرائيويٽ پارٽنرشپ واضع ڪرڻ جي منظوري ڏئي.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**